SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1999

SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1999

سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ آرڊيننس، 1999

THE SINDH INFORMATION TECHNOLOGY BOARD ORDINANCE, 1999

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions
3. هيئت
Incorporation
4. بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board
5. بورڊ جا ڪم ۽ اختيار
Functions and powers of the Board
6. چيئرمين جا ڪم
Functions of the Chairman
7. اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers

8. بورڈ جون گڈجاٹیون

Meetings of the Board

9. بورڈ جا ملازم

Employees of the Board

10. بورڈ فنڈ

Board Fund

11. بجیٹ، آڈٹ ءِ اکائونٹس

Budget, audit and accounts

12. هدایت ڈیڑ لاءِ حکومت جو اختیار

Power of Government to give direction

13. سالياني رپورٹ

Annual report

14. قاعدا

Rules

15. ضابطا

Regulations

سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1999

SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1999

سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ آرڊيننس، 1999

THE SINDH INFORMATION TECHNOLOGY BOARD ORDINANCE, 1999

[31 مئي 1999]

آرڊيننس جنهن ذريعي صوبي سنڌ ۾ بورڊ آف انفارميشن ٽيڪنالاجي قائم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ صوبي سنڌ ۾ بورڊ آف انفارميشن ٽيڪنالاجي جو قيام ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن تحت سنڌ جي گورنر هينئون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي آرڊيننس، 1999 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "بورڊ" مطلب دفعه 3 تحت قائم ڪيل بورڊ؛

(b) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن ۾ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(e) "ضابطا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا؛

(f) "قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا.

هيئت
Incorporation

3. (1) حڪومت هڪ بورڊ جوڙي سگهي ٿي، جنهن کي سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ سڏيو ويندو.

(2) بورڊ هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۾ نيڪال ڪرڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۾ عام مهر هوندي، جيڪو ڇاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

4. (1) بورڊ چيئرمين ۽ ميمبرن جي اهڙي انگ تي مشتمل هوندو، جيئن حڪومت مقرر ڪري.

(2) چيئرمين حڪومت طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن حڪومت طئي ڪري.

(3) بورڊ جو ميمبر جيستائين حڪومت چاهي تيستائين عهدو رکي سگهندو.

(4) ميمبر ڪنهن به وقت پنهنجي هٿ لکت سان حڪومت کي خط ذريعي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

(5) بورڊ ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن خاص مقصد لاءِ ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿو پر اهڙي ماڻهو کي ووٽ جو حق حاصل

نہ هوندو.

(6) بورڊ جو ڪو بہ قدم ڪارروائي يا فيصلو بورڊ ۾ ڪنهن آسامي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص سبب غير موثر نہ ٿيندو.

بورڊ جا ڪم ۽ اختيار
Functions and powers of the Board

5. (1) بورڊ اهڙا سمورا اپاءَ وٺندو ۽ اهڙا سمورا اختيار استعمال ڪندو جيڪي اهو هن آرڊيننس جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي.

(2)مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، بورڊ:

(a) انفارميشن ٽيڪنالاجي جي استعمال کي هٿي وٺرائيندو يا سڌارو آڻيندو؛

(b) هن آرڊيننس جي مقصد لاءِ ڪا اسڪيم جوڙيندو ۽ لاڳو ڪندو؛

(c) بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ ضروري اوزار گهرائيندو؛

(d) تحقيق، ڪنسلٽنسي ۽ ايڊوائيزري سروس لاءِ گنجائش جوڙڻ ۽ ايڊوائيزري سروس ۾ اهڙن قدمن سان ٻين ادارن يا پبلڪ يا پرائيويٽ باڊيز سان گڏ ڄاڻايل شرطن موجب انتظامن ۾ شامل ٿيڻ؛

(e) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ اهڙيون شيون ڪرڻ جيڪي بورڊ جي مقصدن لاءِ ضروري هجن.

چيئرمين جا ڪم
Functions of the Chairman

6. چيئرمين اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي قاعدن ۾ بيان ڪيا ويا هجن يا جيڪي بورڊ طرفان ڪيس سونپيل هجن.

اختيارن جي منتقلي
Delegation of

7. (1) بورڊ ڪنهن بہ شخص کي پنهنجيون ڪي بہ ذميواريون يا ڪم سوپني سگهي ٿو.

Powers

(2) چيئرمين سونپيل ڪمن سميت پنهنجا ڪي بہ ڪم بورڊ جي ڪنهن عملدار کي سونپي سگهي ٿو.

بورڊ جون گڏجاٽيون

Meetings of the Board

8. (1) بورڊ طرفان حل طلب ڪو بہ معاملو بورڊ جي گڏجاٽيءَ ۾ موجود ميمبرن جي اڪثريتي ووٽ ذريعي حل ڪيو ويندو.

(2) بورڊ جون گڏجاٽيون اهڙي طريقي اهڙي وقت ۽ هنڌ تي منعقد ڪيون ويندیون، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو يو هجي، پر جيستائين ان سلسلي ۾ ضابطا جوڙيا وڃن، گڏجاٽي اهڙيءَ ريت ڪوٺائي ويندي جيئن چيئرمين هدايت ڪري.

(3) هر ميمبر کي هڪ ووٽ حاصل هوندو ۽ ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾، چيئرمين ڪاسٽنگ ووٽ استعمال ڪري سگهندو.

بورڊ جا ملازم

Employees of the Board

9. بورڊ پنهنجي ڪمن جي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ، اهڙا عملدار، صلاحڪار، ڪنسلٽنٽس ۽ اسٽاف مقرر ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ان جي بهتر ڪارڪردگيءَ لاءِ ضروري سمجهي، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن بورڊ طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

بورڈ فنڈ

Board Fund

10. (1) هڪ فنڈ هوندو جنهن کي انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ فنڈ سڏيو ويندو، جيڪو بورڊ ۾ شامل هوندو ۽ جنهن ۾ سموريون رقمون بشمول حڪومت يا ڪنهن بادي يا اٹارٹي طرفان ڏنل فنڈس ۽ بورڊ طرفان وصولي لائق رقمون جمع ڪيون ويندیون.

(2) فنڈ اهڙي تحويل ۾ رکيو ويندو ۽ اهڙي طريقي استعمال ڪيو ۽ هلايو ويندو جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

بجيٽ، آڈٹ ۽ ان

11. بورڊ جي بجيٽ تيار ڪئي، منظور ڪئي ويندي ۽ ان

جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت رکيا ۽ آڊٽ ڪيا ويندا جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.	اڪائونٽس Budget, audit and accounts
12. (1) حڪومت وقت بوقت بورڊ جي ضابطي هيٺ ڪو به دستاويز، ريڪارڊ، اسٽيٽمينٽ، اسٽيٽسٽڪس يا ڪنهن معاملي جي حوالي سان ڪا بي معلومات طلب ڪري سگهي ٿي ۽ بورڊ اهڙي درخواست تي عمل ڪندو.	هدايت ڏيڻ لاءِ حڪومت جو اختيار Power of Government to give direction
(2) حڪومت وقت بہ وقت اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي جيڪي بورڊ جي رهنمائي ۽ عملدرآمد لاءِ ضروري سمجهي.	
13. بورڊ هر مالي سال جي پوري ٿيڻ کان فوري پوءِ، ان جي ان سال جي ڪاروهنوار بابت سالياني رپورٽ حڪومت کي پيش ڪندو.	سالياني رپورٽ Annual report
14. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.	قاعدا Rules
15. هن آرڊيننس ۽ قاعدن موجب بورڊ هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو.	ضابطا Regulations

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.